ناٽڪ - ٣

# پينگار دواخانو



**ڪردار :**

(١) ڪچرومل : دواخاني جو ڪمپائونڊر (بدن جو پريل)
(٢) مهيش : ڊاڪٽر
(٣) ڌيرج : ڊاڪٽر
(٤) ونود : مريض - ١
(٥) سنيل : مريض - ٢
(٦) هرومل : قرض ڏيندڙ
(٧) فئنٽم : هرومل جو پهلوان (باڊي گارڊ)
(٨) گريش : پاڳل ماڻهو

(هڪ جهونو پراڻو ۽ پينگار نظر ايندڙ دواخاني جو درشيه. هڪ طرف پراڻي هڪ ٽيبل رکيل آهي، پرسان هڪ ڪرسي پئي آهي ۽ ٻئي طرف مريض جي سمهڻ لاءِ هڪ پڳل ٽٽل بينچ رکيل آهي، ديوار تي جهوليلال جي تصوير ٽنگيل آهي ۽ ٽيبل تي ڪجهه پانا-پڪڙون-پچڪاري وغيره سامان رکيل آهي.)

ڪچرومل : (گنگنائيندو اندر اَچي ٿو) منهنجي ٻڙي اَٿوَ وچ سير تي.... منهنجي ٻيڙي اَٿوَ وچ سير تي.... پلوَ پايان ٿو مان پينگار دواخاني تي.... پلوَ پايان ٿو مان پينگار دواخاني تي. (ٿورو ترسي ڏسندڙن ڏانهن مخاطب ٿي) نمستي! نمستي!! مان ڪچرومل، هن پينگار دواخاني جو ڪمپائونڊر، توهان کي نئين سال جون واڌايون ڏيان ٿو. هي پينگار دواخانو اَٿوَ- اَڙي-ڙي-ائين نه، اِهو ته هن جو نالو آهي، پر جهڙو اَٿس نالو، اَهڙا ئي آهن ڊاڪٽر. ايندا رهجو. ڪهڙو به مرض هجيو، ترتُ علاج. تنگ ۾ سور هجيوَ ته تنگ ڪٽي هٿ ۾ ڏيندوَ. ساهه جي تڪليف هجيوَ، ساهه ئي ڪڍي ڇڏيندوَ. اَچجو سائين، ايندا رهجو، هن پينگار دواخاني ۾. (پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي) هل پائي ڪچرامل، دواخاني جي صاف صفائي ڪري وٺ.... هوءَ.... تيري ميري بيچ ۾.... تيري ميري بيچ ۾.... ڪٿسا هئه يي بنڌن دواخانا.... ڪٿسا هئه يي بنڌن، دواخانا.... مئني نهين جانا، ڊاڪٽر ني نهين جانا.... ها.... واهه جي صفائي ٿي ويئي. ڊاڪٽر صاحب ڏسندو ته پنهنجي شڪل به صاف نظر ايندس. هل پائي ڪچرا، هاڻ ڀڳوانَ کي ٿورا مشڪا-بشڪا هٿون (آرتيءَ جي ٿالهي ناهيندي ڳائي ٿو) اوم جئه لڪشمي ماتا، اوم جئه لڪشمي ماتا.... ڀه تي مريض موڪلجانءِ.... ڀه تي مريض موڪلجانءِ.... منهنجو ڪيسو پرجانءِ.... اوم جئه لڪشمي ماتا.

ڊا. مهيش : ڪچرامل.... او ڪچرامل.

ڊا. ڌيرج : او ڪچرامل.

ڪچرومل : (ڏسندڙن ڏانهن منهن ڪري) اَچي وَيوَ- اَچي وَيوَ پينگار ڊاڪٽر.... (ڊاڪٽرن کي) اَچو، اَچو سائين، نئين سال جون واڌايون هجنوَ.

ٻئي ڊا. گڏجي: توکي به ڪچرامل واڌايون هجن.

ڪچرومل : ڊاڪٽر صاحب، اَڄ نئين سال جو پهريون ڏينهن آهي، ڪجهه خرچي، ڪجهه منائي-بنائي ته ڏيو نه.

ڊا. مهيش : ها- ها، (پرس ڪڍڻ لاءِ کيسي ۾ هٿ وجهي ٿو) اَڙي پرس ته گهر رهجي ويو!

ڪچرومل : (ٻئي ڊاڪٽر ڏانهن منهن ڪري) ڀلا سائين، توهان ته خرچي ڏيو نه!

ڊا. ڌيرج : ها-ها (کيسي مان پرس ڪڍي ٿو ۽....) اَڙي! پرس ته آهي پر مان پرس ۾ پئسا وجهڻ ئي ڀلجي ويس!

ڪچرومل : (ڏسندڙن ڏانهن منهن ڪري) ڏٺوَ چيومانوَ نه، جهڙو دواخانو تهڙا ڊاڪٽر.... هي ڇا مونکي خرچي ڏيندا؟

ٻئي ڊا. گڏجي : ڇا چيئه ڪچرامل؟

ڪچرومل : ڪجهه نه سائين ڪجهه نه، مان ته مريضن کي ڳولهي رهيو هوس.

ڊا.مهيش : چڱو چڱو. ڀلا ٻڌ، صفائي ته ڪئي اَٿيئي نه؟

ڪچرومل : ها سائين! ڀلي پنهنجي شڪل ڏسو.

ڊا. ڌيرج : چڱو ڀلا، پاڻي ته پيئار.

ڪچرومل : ها سائين، جام پاڻي. (ڪچرومل پاڻي پرڻ وڃي ٿو)

ڊا. مهيش : (زور سان رڙ ڪندي) آ....

ڊا. ڌيرج : ڇا ٿيئه؟

ڊا. مهيش : ڇا ٻڌايانءِ يار، گهرواريءَ، نئون سال اَچڻ تي ساڙهي گُهري. نه وني ويومانس، ته هيءَ حالت ڪئي اَٿئين.

ڊا. ڌيرج : ڇا ڪيائين؟

ڊا. مهيش : يار! ويلڻ، ٻهارا، ڪيوبون، چمٽا ۽ ويندي جوتا هنيائين، جو پني ئي سُڄي پيئي آهي!

ڊا. ڌيرج : يار مونسان به اَهڙي ئي حالت آهي.

ڊا. مهيش : ڇو؟ توکي به مار مليئه ڇا؟

ڊا. ڌيرج : منهنجي زال مونکان نيڪليس گهريو. نه وني ويومانس، ته ماريئين ته الڳ، پر ڪپڙا به ڦاڙي ڇڏيائين!

ڪچرومل : (ڪلندي اَچي ٿو) پاڻي پيئو سائين- پاڻي پيئو.

ڊا. مهيش : ڪچرامل، تون وري اَسان جي زخمن تي لوڻ ٿو وجهين!

ڪچرومل : نه سائين، مان ته توهان کي پاڻي ٿو پيئاريان. صاف-فلٽر جو پاڻي.

ڊا. ڌيرج : فلٽر جو پاڻي! (کلي ٿو) ها- ها.... پيءُ يار پيءُ.

ڊا. مهيش : هاڻ وٺ گلاس ۽ ڪرسي ڪڍي اَچ.

ڪچرومل : ها سائين، اِجهو ته ڪڍي ٿو اَچان.

ڊا. ڌيرج : اَڄ ڪرسيءَ تي مان وهندس.

ڊا. مهيش : نه، اَڄ نئين سال جو پهريون ڏينهن آهي، مان وهندس.

ڊا. ڌيرج : نه، مان وهندس.

ڊا. مهيش : نه....

ڪچرومل : (وچ ڪٽيندي) ڊاڪٽر اِئين وڙهو ڇو پيا؟ ڪيتري وقت کان چوان پيو، ته هڪ ٻي به ڪرسي آڻيو پر توهان مڃيو ئي ڪٿي ٿا. چڱو ڪرسيءَ تي مان ٿو ويهان، توهان وڃي آپريشن جي تياري ڪريو.

ٻئي ڊاڪٽر گڏجي : آپريشن جي تياري اَسان ڪريون!؟

ڪچرومل : اَڙي سائين، جيستائين مان مريض پڪڙي اَچان نه!

ڊا. مهيش : اِئين چئه نه.

ڪچرومل : (ڏسندڙن ڏانهن منهن ڪري) مڙئي مونکي چوڻ ۾ ڪهڙو واندو. ڪهڙو مان مريض پڪڙڻ ويندس.

(پريان ونود (مريض-١) رڙيون ڪندي اَچي ٿو)

ونود : آ.... آ.... اَئي اَمان....

ڪچرومل : ڇو ڀائي ڇا ٿيو آهي؟ اِئين رڙيون ڇو پيو ڪرين؟
ونود : ڏند ۾ سُور آهي، ڏند ڪڍائڻو آهي، ڪيترا پئسا؟
ڪچرومل : پنجاهه رپيا.
ونود : پنجاهه رپيا! ايڏا؟
ڪچرومل : ها، هڪ ڏند ڪڍائڻ جا پنجاهه رپيا! پر سڀ ڏند ڪڍائڻ جا صرف پنجويهه رپيا.
ونود : اِئين ڇو؟
ڪچرومل : هڪ ڏند ڪڍڻ ۾ محنت آهي، پڪڙون ۽ پانا ڪٽڻا پوندا. پر سڀ ڏند، صرف هڪ ئي ٺونشي ۾ نڪرندا. ڇڱُو ته ڪيئن؟
ونود : نه.... نه.
ڪچرومل : ته پوءِ اَچو، هتي سمهو ته شروع ڪيون آپريشن. (ڊاڪٽرن کي) ڊاڪٽر صاحب مريض اَچي ويو، اَچو- اَچو، جلدي اَچو.
ڊا. ڌيرج : مريض اَچي ويو!
ڊا. مهيش : اَچو سائين اَچو، ڇا ٿيو آهي؟
ونود : ڏند ۾ سور آهي.... آ.... آ....
ڊا. ڌيرج : اَڙي ڪچرامل، هي رڙيون وڏيڪ ٿو ڪري، هٽينس تي بيهوشيءَ جي سئي.
ڪچرومل : ها سائين، اِجهو ٿو بيهوش ڪيانس (هڪ وڏي، پچڪاريءَ جيڏي سئي کڻي اچي ٿو) سائين توهان پري ٿيو، ڪٿي سُئي توهان کي نه لڳيو. (ڪچرومل، ونود کي ڪپڙن سوڌي ئي سُئي هڻي ٿو)
ونود : (سئي لڳڻ تي آواز ڪري ٿو ۽ بيهوش ٿي وڃي ٿو) آ.... آ....
ڊا. ڌيرج : ڪچرامل، کڻي اَچ پڪڙون ۽ پانا، ته ڏند ڪڍونس.
ڪچرومل : ها سائين. (ڪچرومل، رنڌڻي ۾ ڪم ايندڙ پڪڙ کڻي اچي ٿو ۽ مريض جي وات ۾ وجهي ٿو)
ٽيئي گڏجي : زور لڳاڪي.... آئي شا.... دم لڳاڪي.... آئي‌شا.... آ.... آ
ڪچرومل : نڪتو ڏند؟
ڊا. مهيش : نه، نه نڪتو. ڏي ته مان ٿو ڪڍانس.
ٽيئي گڏجي : زور لڳاڪي.... آئي شا.... دم لڳاڪي آئي شا.... آ.... آ....
ڊا. مهيش : نڪتو.... نڪتو.... ڏند نڪتو! هاڻ وٺ ڪچرامل، هي ڏند ڏجانس ۽ پورا پنجاهه رپيا ونجانس. سمجهيئه؟
ڪچرومل : پر سائين، هي ته بيهوش آهي نه!
ڊا. ڌيرج : ته پوءِ هوش جي سُئي هڻينس نه، ته جلد هوش ۾ ايندو.
ڪچرومل : ها سائين. (سئين هڻيس ٿو ته جهٽڪو ڏيئي ونود اُٿي ٿو)
ونود : آ.... آ.... اڙي، هي ڪمپائونڊر آ، ڪي پهلوان، جنهن تنهن مهل، ٺونشا پيو ٿو هڻي. پر هي ڇا! ڏند مان سور ئي لهي ويو.
ڪچرومل : ڏند مان سور نه لهي ويو! پر وات مان سور وارو، ڏند ئي نڪري ويو. سمجهه ۾ آيئه؟ هي وٺ ڏند ۽ پنجاهه رپيا ڏي.
ونود : هڪڙو ڪم ڪر پهلوان، هي ڏند رکي ڇڏ پاڻ وٽ، جيئن مان ڪڍائڻ آيس نه، تيئن ڪوئي وجهائڻ اَچي ته اُن کي وجهي ڇڏج. پنجاهه رپئي ۾، آيئه اِهو ڏند.
ڪچرومل : اِئين نه هلندو...
ونود : اَڙي، سڀ هلندو آهي.... (ڀڄي وڃي ٿو)
ڪچرومل : ڀڄي ويو.... ڀڄي ويو.... پينگار ڊاڪٽر کي مريض به پينگار مليو! پئسا ئي نه ڏيئي ويو.
ڊا. ڌيرج : ڇا چيئه! پئسا نه ڏيئي ويو؟
ڪچرومل : نه، پنجاهه رپئي ۾، پنهنجو ڏند وڪڻي ڀڄي ويو. ها.... ها (زور سان ٽهڪ ڏئي‌ٿو)
ڊا. مهيش : هڪ ته خراب ڪم ڪرين، مٿان وري کلين پيو.
(ايتري ۾ هڪ پاڳل لڳندڙ ماڻهو، اَندر ڊڪندو اَچي ٿو ۽ پاڳلن وانگر ٽهڪ ڏيئي دواخاني ۾ گول چڪر لڳائي ٻاهر نڪري وڃي ٿو)
ڊا. ڌيرج : ڪچرامل، هي ڪير هو؟
ڪچرومل : سائين، مونکي ڪهڙي خبر! هوندو ڪو پاڳل.
ڊا. مهيش : ڌيان رکُ ڪچرامل، وري اَهڙو پاڳل اَندر نه اِچي.
ڪچرومل : ها سائين. (ٿورو ترسي) ڇوڪ ۾ ڇا آهي، هل ڪچرامل، هاڻي ٿورو آرام ڪر.
(ايتري ۾ بيو هڪ مريض پيٽ پڪڙي رڙيون ڪندو اَچي ٿو)
سنيل : آ.... آ.... اَلا ڙي....
ڪچرومل : ڇا ٿيو.... ڇا ٿيو.... اڙي- اڙي، اِتي نه. هيڏانهن اَچو هيڏانهن، هتي سمهو. (ڊاڪٽر کي) ڊاڪٽر صاحب.... جلدي اَچو (اِن وچ ۾ مريض جون رڙيون چالو آهن)
ڊا. ڌيرج : ڇا ٿيو ڀائي؟
سنيل : آ.... پيٽ ۾ ڏاڍو سور .... آ....
ڊا. مهيش : ڪٿي.... هتي سور آهي؟ (پيٽ تي هٿ گهمائيس ٿو)
سنيل : نه.... آ.... (زور سان ساهه کڻي ٿو ۽ رڙيون به ڪري ٿو)
ڊا. ڌيرج : (پيٽ تي هٿ گهمائيندي) هتي سور آهي؟
سنيل : آ.... آ.... (زور سان) ها....
ڪچرومل : سائين! هي ته، گڏهه وانگر ساهه ٿو کڻي.

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad-382340. India. Tele. (079)22805454


ڊا. مهيش : چپ ڪر (زور سان دڙڪو ڏئيس ٿو)
ڊا. ڌيرج : ساهه کڻو.
سنيل : (گڏهه وانگر آواز ڪندي) ها.... او.... ها.... او.... ها.... (ساهه کڻي ٿو)
ڊا. مهيش : يار، سچ پچ! هي ته، گڏهه وانگر ٿو ساهه کڻي.
ڪچرومل : لڳي ٿو، گڏهن وانگر ڪاڏو، ڪاڏو هوندائين....
ڊا. ڌيرج : پائي، توکي هن ٽُڪر ۾ سور آهي، اِهو ٽُڪر ڪٽڻو پوندو.
سنيل : ٽُڪر ڪٽڻو پوندو....!!!
ڊا. مهيش : معنيٰ آپريشن ڪبو. پنج هزار لڳندءِ.
سنيل : پ.... پ.... پنج هزار....! ايڏا! (رڙ نڪري وڃيس ٿي)
ڊا. ڌيرج : ها ايڏا، ٽُڪر به ته ايڏوئي ڪٽڻو آهي نه.
سنيل : نيڪ آهي. (ڏڪندڙ آواز ۾ چئي ٿو)
ڊا. مهيش : ڪچرامل، بيهوش ڪريس، هٽيس سئي.
ڪچرومل : ها سائين. هيئنر ئي ٿو بيهوش ڪريانس... (سئي کڻي ٿو اچي)
ڊا. ڌيرج : اَڙي، اِها سُئي نه، ڏسين نٿو گڏهه جيان ساهه ٿو کڻي ته سُئي به ته گڏهن واري هڻيس نه (دڙڪي ۾ چئيس ٿو)
ڪچرومل : پريم سان چئو نه، اِئين دڙڪا چو ٿا ڏيو. هٿو... پري ٿيو هتان....
سنيل : آ.... (زور سان رڙ ڪري ٿو ۽ بيهوش ٿي وڃي ٿو)
ڊا. مهيش : ڪچرامل، کڻي اَچ ڪپ، ڪئنچيون ۽ پڪڙون، ته چيريونس پيٽ.
ڪچرومل : ها سائين.... اِجهو. (آهستي پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي) اَلائي ڇا ٿيندو هن ويچاري جو! ڪٽي، آندا ٻڪيون ڪيدي، هٿ ۾ نه ڏينس.
ڊا. مهيش : ڪچرامل، تون هن کي ٽنگن کان پڪڙيس.
ڊا. ڌيرج : پاسي ٿي، ته مان پيٽ ڦاڙيانس.
ڊا. مهيش : هان وٺ، هي چاقون ۽ ڪئنچي.... (ڊا. ڌيرج پيٽ ڪٽيس ٿو) اَڙي آهستي....
ڊا. ڌيرج : اڙي!.... هي ڇا!؟ پينڊي! (پيٽ مان اندران پينڊي ڪڍيس ٿو)
ڊا. مهيش : پيٽ مان پينڊي؟!
ڊا. ڌيرج : وٺ ڪچرامل، هي ڪريلو!
ڪچرومل : ماڻهوءَ جي پيٽ مان ڪچيون پاڄيون....! (کلي ٿو ۽ عجب کائي ٿو)
ڊا. مهيش : اَڙي پٽاٽو به پيو اَٿئي.
ڊا. ڌيرج : ۽ هي واڱڻ....
ڪچرومل : پيٽ اَٿس، ڪن پاڄي مارڪيٽ.
ڊا. مهيش : ڪچرامل اِهي پاڄيون کپنئي؟
ڪچرومل : (نچي ٿو ۽ کلي چوي ٿو) واهه.... واهه.... اڙي واهه.... پهريون دفعو هنن پنگارن، مونکي ڪجهه بونس ڏنو آهي.
ڊا. ڌيرج : ڪچرامل، ڇڏ اِها بڪ ۽ ڏئيس هن کي ٽاڪا.
ڪچرومل : ها سائين، اِجهو ٿو ڏيانس. هل ڪچرامل، کڻ سُئي ۽ ڌاڳو. (سُئي ڌاڳو کڻي ٿو ۽ ٽاڪا ڏئيس ٿو) سائين ڏجي ويا ٽاڪا، هاڻ؟
ڊا. مهيش : هڻيس هوش جي سُئي ۽ وٺيس پنج هزار رپيا.
ڪچرومل : ها سائين. (وري سُئي هڻيس ٿو ۽ سنيل جاڳي پوي ٿو)
سنيل : آ.... آ.... آ.... (ڌيري سان اُٿڻ جي ڪوشش ڪري ٿو)
ڪچرومل : اُٿو سائين اُٿو، توهان جو آپريشن ٿي ويو.
سنيل : آ.... (زور سان) اَڃان سور آهي.... آ.... (وري رڙيون ڪري ٿو)
ڊا. مهيش : (ڌيري آواز ۾) ڪچرامل، هيڏانهن ته اَچ. ٽاڪا ته برابر ڏِنئيس نه؟
ڪچرومل : ها سائين.... ٽاڪا ته برابر ڏنا آهن!.... پر.... سائين....
ڊا. مهيش : پر ڇا؟
ڪچرومل : لڳي ٿو، ته ڪئنچي اَندر رهجي ويئي آهي.
ڊا. ڌيرج : (رڙ ڪري) ڇا ڪئنچي؟
سنيل : (ڏڪندي) ڪ...ڪ....ڪ.... ڪئنچي (چوندي بيهوش ٿي وڃي ٿو)
ڊا. مهيش : جلدي وري آپريشن جي تياري ڪريو. پيٽ مان ڪئنچي ڪڍڻي پوندي.
ڊا. ڌيرج : ڪچرامل، کڻي اَچ سامان.
ڪچرومل : ها سائين.
ڊا. مهيش : ڏي ته مان چيريانس.
ڊا. ڌيرج : هِت.... هِت.... ها.... هتي چيريس.
(پيٽ چيريس ٿو ۽ اندران ڪئنچي ڪڍيس ٿو)
ڊا. مهيش : هان.... هان وٺ ڪئنچي....
ڊا. ڌيرج : ڪچرامل هاڻ چڱيءَ طرح ٽاڪا ڏجانس.
ڪچرومل : ها سائين. هون.... چوَن ته اِئين ٿا، ڇڻ مونکي ڪجهه ايندو ئي نه آهي.... (منهن تي ٿورو پاڻي هڻيس ٿو، ٿورو ترسي) اُٿو- هاڻ، سائين،

اُتو هاڻ سپ نيڪ ٿي ويو.

سنيل : اَڙي هي ڇا ٿا ڪريو! گهڙيءَ پيٽ کي چيريو ٿا، گهڙيءَ بند ٿا ڪريو، اِن کان تہ، هڪ ڏيڍ رپئي واري چين ڪٽي هٿو نہ.

ڪچرومل : (ڪلندي) .... ها.... ها.... چين، ها سائين ها چين بہ هٽنداسين. اُٿو، هاڻ اُٿو. آپريشن سڦل ٿي ويو، ڏيو پنج هزار.

سنيل : پنج هزار! پائي مان زال سان شرط هنئين هئي، ڪچيون پاڇيون ڳرڪائڻ جي، هزار رپيا تہ ڪٿيا پر هتي پنج هزار ٿا ڏيڻا پون!

ڪچرومل : پوءِ اَهڙيون شرطون، هٿو ئي ڇو ٿا؟

سنيل : ڇڱو سائين، اڄ نئين سال جو پهريون ڏينهن آهي، سو پئسا باقي.

ڪچرومل : اِئين نہ هلندو.

سنيل : هلندو.... هلندو.... (ڇوندو ڀڄي وڃي ٿو)

ڪچرومل : ڏٺوَ هي بہ هنن ڊاڪٽرن جهڙو ئي نڪتو. ڊاڪٽر صاحب هي مريض بہ پئسا نہ ڏيئي ويو.

ڊا. ڏيرج ۽ ڊا. مهيش : ڇا ڇيئہ؟ (رڙ نڪري وڃين ٿي)

پاڳل گريش : (وري ڊڪندو-ڪلندو اَچي - ڊڪندو هلي وڃي ٿو) هي.... ها.... ها.... هي.... ها.... ها....

ڊا. ڏيرج : اَڙي پڪڙيس.

ڊا. مهيش : ڪچرامل، پڪڙيس هن پاڳل کي. (ڪچرومل اُٿي ڊڪي ٿو)

ڪچرومل : پڪڙيس، پڪڙيس.... اَڙي!.... ڀڄي ويو. سائين ڀڄي ويو.

ڊا. ڏيرج : توکي چيو نہ، تہ هاڻ اِهو پاڳل نہ اَچڻ گهرجي.

ڪچرومل : نيڪ آ سائين، هاڻ نہ اَچڻ ڏيندومانس.

(پريان ڪان آواز ڪندو هرومل اَچي ٿو. گڏ هڪ پهلوان اَٿس.)

هرومل : ڊاڪٽر (زور سان سڏ ڪري ٿو) او ڊاڪٽر....

ڊا. مهيش : ڪچرامل، هن کي ڀڄائيس....

ڊا. ڏيرج : اندر اچڻ نہ ڏجانس.

ڪچرومل : پر سائين هوُ تہ اندر اچي چڪو آهي ۽ گڏ هڪ پهلوان بہ اَٿس.

ڊا. مهيش : مارائي ڇڏيئہ، ڪچرامل....

ڪچرومل : سائين ڇو؟ ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

ڊا. ڏيرج : ڪچرامل اسان هن هرومل کان ڏهہ هزار اُڌارا ورتا آهن ۽ هاڻ ڏيڻ لاءِ پئسا ئي نہ آهن.

ڪچرومل : پوءِ، اَهڙي اوڌر ڪٺو ئي ڇو ٿا جو مار کائڻي پويوَ.

ڊا. ڏيرج : تہ پوءِ دواخانو تنهنجو پيءُ نهرائي ڏيندو؟

ڪچرومل : ڏسو ڏسو، منهنجي پيءُ تي نہ وڃجو.... (جهڳهڙي واري آواز ۾)

ڊا. مهيش : ڇو، ڇا ڪندين؟

ڪچرومل : ڇا ڪندين؟ مان وڃانوَ ٿو نوڪري ڇڏي، ويهي مار کائو.... هن پهلوان جي...

ڊا. مهيش : اَڙي ڪچرامل، اِئين نہ ڪر.

هرومل : اَڙي پائي ڊاڪٽر.... ٻڌين ٿون؟

ڊا. مهيش : (چاپلوسي ڪندڙ آواز ۾) او-هو- سائين هرومل! .... اَچو.... اَچو....

ڊا. ڏيرج : سائين هرومل! نئين سال جون واڌايون هجنوَ.

هرومل : (ڏمڪيءَ ۾) واڌايون ويهي پوءِ ڏجو، پهريون منهنجا ڏهہ هزار رپيا ڏيو.

ڊا. مهيش : سائين، ڪجهہ وقت اَجا ترسو نہ.

هرومل : اڳ۾ ئي، هڪ مهنو وڌيڪ ٿي چڪو آهي، اَڄ منهنجا پئسا ڏيو.

ڊا. ڏيرج : سائين پئسا ڪونہ آهن، دواخانو هلي ئي نٿو. جيڪواَچي ٿو، اوڌر رکائي هلي وڃي ٿو.

هرومل : نٿو هليوَ تہ مان ڇا ڪيانوَ! مونکي منهنجا پئسا کپن.

ڊا. مهيش : (داداگيريءَ سان) کپيوَ تہ هي دواخانو کڻو، پئسا نہ آهن.

هرومل : هي، پنگار دواخانو؟ ڪنهن کي ٿو کپي، اَڙي فئنٽم، ڏسين ٿو، وصول ڪرين پئسا.... پورا ڏهہ هزار.

(فئنٽم نونشا هٽين ٿو ۽ مهيش ڪري پوي ٿو)

ڊا. ڏيرج : مارين ٿو.... بهي تہ.... (نونشي جو آواز) آ.... ها.... (ڊشم ڊشم جا آواز اَچن ٿا.... ٻئي ڊاڪٽر بيهوش ٿي ڪري پون ٿا)

پاڳل گريش ڪلندو اَچي ٿو، ڏاڍا ٺهڪ ڏئي ٿو.

گريش : آيا هئا وڏا ڊاڪٽر، بوگس سرٽيفڪيٽ کڻي، دواخانو هلائڻ.... اي... ها.... ها.... اي ها.... ها.... هنن جو بہ ٿي ويو اِتي ئي انت!

(پردو ڪري ٿو)